# سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LIII OF 1984

# سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH WAQF PROPERTIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعه 5A جو واڌارو

Insertion of Section 5A in Sindh Ordinance IX of 1970

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance IX of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعه 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of Sindh Ordinance IX of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر LIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LIII OF 1984

# سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH WAQF PROPERTIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ وقف مليڪتون آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ چاڙايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 5 کانپوءِ هيٺيون نئون دفعہ شامل ڪيو ويندو:

1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعہ 5A جو واڌارو

Insertion of Section 5A in Sindh Ordinance IX of 1970

“5A ايڊمنسٽريٽر، ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر ۽ عملدار مسلمان هئڻ گهرجي.

ڪو بہ شخص هن آرڊيننس تحت ايڊمنسٽريٽر، ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر يا عملدار مقرر نہ ڪيو ويندو، جيستائين اهو مسلمان نہ هجي ۽ اهڙي لياقت نہ رکندو هجي، جيڪا بيان ڪئي وئي هجي.”.

3. چاڙايل آرڊيننس جي دفعہ 7 ۾، ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:

1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Ordinance IX of 1979

“(3) ذيلي دفعہ (1) تحت جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مئنيجمينٽ يا متولي طرفان تعميل ڪرايو ويندو، جيئن بہ معاملو هجي، ۽ ان جي ڪاپي جيڪا نوٽيفڪيشن ۾ چاڙايل هوندي، اها ڪنهن مخصوص هنڌ تي لڳائي ويندي.”.

4. (i) چاڙايل آرڊيننس ۾، دفعہ 16 جي شروعات ۾ لفظن “حڪومت ڪري سگهي ٿي” کان اڳ لفظ ۽ ڪاما “دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (2) جي گنجائش موجب،” شامل ڪيا ويندا.

1979 جي سنڌ آرڊيننس IX جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of Section 16 of

(ii) دفعہ 16(g) ۾ فل اسٽاپ کي ڪولن سان بدلايو ويندو ۽ ان

Sindh Ordinance IX of 1979

ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

“بشرطيڪ ملڪيت جي وڪري ڪانپوءِ اها ملڪيت ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ ڪتب نہ آندي ويندي، سواءِ ان جي تہ ان مان وقف جو مقصد پورو ٿئو ٿئي ۽ ان بابت اهڙو اطمينان ٿئي ٿو”.

نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.